# ماهِ رمضانِ
# امیراهلسنت
دامت برکاتہم العالیہ

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَکَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَکَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکر بیروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت




رسالي جو نالو: ماهِ رمضان ۽ امير اهلسنت

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1442هہ اَپريل 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# ماهِ رمضان ۽ اميراهلسنت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

### ماهِ رمضان ۽ اميراهلسنت 1

دعاءِ عطار.......... 1
درود شريف جي فضيلت.......... 1
نوجوانن جو اعتڪاف.......... 1
اعتڪاف پراڻي عبادت آهي.......... 4
ٻن حجن، ٻن عُمرن جو ثواب.......... 5
عاشقِ رمضان جو عظيم الشان ديني ڪم.......... 5
رمضان المبارڪ ڇا آهي.......... 6
اميراهلسنت ۽ رمضان المبارڪ.......... 7
9 ڀيرا زيارتِ مصطفيٰ (مدني بهار).......... 8
رمضان جو شان.......... 9
خوشي جا ٽي موقعا.......... 10
سچي دنيا جو نظام تبديل.......... 10
اميراهلسنت جي رمضان سان محبت.......... 11
استقبالِ ماهِ رمضان.......... 12
ماهِ رمضان جو چنڊ.......... 13
رمضان جي آمد.......... 14
رمضان جي مبارڪ باد ڏيڻ سنت آهي.......... 15
جشنِ ولادت غوثِ اعظم.......... 16
رمضان المبارڪ جي چنڊ واري رات.......... 17

تراويح سنت آهي ........ 18
ٽڪر جي ٽانوَ ڏاڙهي رکرائي ڇڏي (مدني بهار) ........ 19
روزي ۾ برکت جو وظيفو ........ 21
رَمضَانُ المبارڪ جي قدر ڪيو ........ 22
فيضانِ رمضان ڪتاب ........ 23
عالمي مدني مرڪز ۾ فيضان رمضان ........ 23
عاشقِ رمضان جو عظيم الشان اعتڪاف ........ 24
سڄي مهيني جو اعتڪاف ........ 24
معتڪف ڇڻ نمازي جيان آهي ........ 25
1440 هجري بمطابق 2019ء جي رمضان المبارڪ ۾ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ پاڪستان جي چئن ئي صوبن مان آيل عاشقانِ رسول جا ايمان اَفروز تاثرات ........ 26
فيضان رمضان ۽ مدني چينل ........ 28
اجتماعي اعتڪاف جون برڪتون ........ 29
مفلوج جي هٿو هٿ شفايابي ........ 30
فرض روزا رکڻ جي ترغيب ........ 31

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ماہِ رمضان ۽ اميراهلسنت

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 27 صفحن جو رسالو "ماہِ رمضان ۽ اميراهلسنت" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي عاشقِ رمضان جي صدقي رمضان المبارڪ جو حقيقي قدردان بڻائي فيضانِ رمضان سان مالامال فرماءِ ۽ رمضان المبارڪ کي ان جي بي حساب بخشش جو ذريعو بڻاءِ.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو ان جنت جو رستو ڇڏي ڏنو.

(معجم ڪبير، جلد3/128، حديث:2887)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نوجوانن جو اعتڪاف

1399هجري بمطابق 1979ء جي ڳالهہ آهي تہ "نور مسجد" ڪاغذي بازار، ڪراچي جي 29 سالہ امام صاحب زندگي ۾ پهريون ڀيرو ماہِ رمضان المبارڪ جي آخري عشري جو"اعتڪاف" ڪيو. مسجد ۾ امام صاحب کان علاوه ٻيو ڪو اعتڪاف ۾ نہ هو. رات جو دوست احباب ايندا ها تہ رونق ٿي رونق لڳي پئي هوندي هئي، عام طور صبح جو امام صاحب مسجد ۾ اڪيلو هوندو هو، ڇوتہ خير خيرات ڪرڻ واري ميمڻ ڪميونٽي جو علائقو هو، پنڻ وارن جي صدائن ۽

مدرسن جي لاءِ چندو ونڻ وارن جو مائڪ تي اعلان ڪرڻ جي سبب ننڊ ۾ خلل پوندو هو، مسلسل ننڊ نہ ڪرڻ سبب امام صاحب بيمار ٿي پيو قريب هو جو امام صاحب دلبرداشتہ ٿي گهر هليو وڃي ها ۽ اعتڪاف ٽوڙي ڇڏي ها پر الله پاڪ جي رحمت سان حضرت مولانا قاري مُصلحُ الدّين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف وٺي آيا، تسلي جو سامان ٿيو ۽ امام صاحب پنهنجو ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف مڪمل ڪري ورتو. امام صاحب جي دل تي رمضان المبارڪ جي محبت ۽ عقيدت تہ پهريان کان ئي نقش هئي، وڏيڪ برڪت نصيب ٿي ۽ ايندڙ سال نہ صرف ٻيهر اعتڪاف ڪرڻ جو ذهن ٺهيو بلڪ ٻين کي بہ پاڻ سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪرڻ لڳا جيئن تہ امام جي ڪوشش سان بہ عاشقانِ رسول اعتڪاف جي لاءِ تيار ٿي ويا، امام صاحب کي تہ اعتڪاف جو مزو اچي ويو، اهو وڏيڪ اسلامي ڀائرن کي اعتڪاف جي لاءِ تيار ڪندو رهيو "الله پاڪ ڪنهن جي محبت ضايع ناهي فرمائيندو" آخرڪار1401 هجري بمطابق 1981ء تي اُن مسجد ۾ تقريباً 28 نوجوان اعتڪاف جي لاءِ آيا، ۽ ڌوم مچي وئي، امام صاحب جو اِهو عظيم الشان ڪم مشهور ٿي ويو تہ نور مسجد ۾ 28 نوجوان ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف ڪري رهيا آهن، حالانڪ ان کان پهريان صورتحال اها هئي تہ مسجدن ۾ عام طور هڪ يا بہ وڏي عمر جا ماڻهو اعتڪاف ڪندا هئا بلڪ ڪٿي ڪٿي تہ ڪنهن هڪ بزرگ کي منٿون ڪري اعتڪاف ۾ ويهاريو ويندو هو ۽ مختلف گهرن مان سحري ۽ افطاري ۾ کاڌو وغيره موڪليو ويندو هو، يقيناً اهڙي حالات ۾ 28 عاشقانِ رسول ۽ اهي بہ نوجوانن جو هڪ مسجد ۾ اعتڪاف جي لاءِ جمع ٿيڻ وڏي ڪمال جي ڳالهہ هئي،

امام صاحب نهايت شريف، مخلص، عبادت گذار، دينِ اسلام جي خاطر قرباني جو جذبو رکڻ وارو الله پاڪ جو نيڪ ٻانهو هو، جن جي مسلسل نيڪي جي دعوت سان سڄي دنيا ۾ اعتڪاف جون ڌومون مچي ويون. (ماہنامہ فیضانِ مدینہ، اگست 2017، ص 28)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڇا اوهان ڄاڻون ٿا ته اهو نيڪ صفت، عاشقِ رمضان، امام صاحب ڪير هو، اهو شريعت ۽ طريقت جو پابند، بااخلاق ۽ باڪردار اميراهلسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هو. الله ربُّ العزت جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مسلک کا تُو اِمام ہے اِلیاس قادری
تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری

تنہا چلا تُو ساتھ ترے ہو گیا جہاں
میٹھا تیرا کلام ہے الیاس قادری

سنّت کی خوشبوؤں سے زمانہ مہک اُٹھا
فیضان تیرا عام ہے الیاس قادری

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ماهِ رمضان تي قربان وڃو! اعتڪاف ته رمضان المبارڪ جي هڪ عبادت آهي نه ته سڄو رمضان المبارڪ عبادتن، رحمتن، برڪتن جو خزانو آهي، الله پاڪ جو پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت تي اهو وڏو احسان آهي جو اُن ماهِ رمضان جهڙو عظيم الشان"مهمان" عطا فرمايو آهي. رمضان

المبارڪ جي اهميت جي لاءِ تہ اهوئي فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ڪافي آهي تہ جيڪڏهن ٻانهن کي معلوم ٿي وڃي ها تہ رمضان ڇا آهي تہ منهنجي سڄي امت تمنا ڪري ها تہ ڪاش! سڄو سال رمضان ئي هجي. (ابن خزيمه، جلد3 ص190، حديث:1886)

ہر گھڑی رحمت بھری ہے ہر طرف ہیں برکتیں
ماہِ رَمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے

اي عاشقانِ رمضان! ماهِ رمضان جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن جي هر گهڙي رحمت پري آهي، رمضان المبارڪ ۾ هر نيڪي جو ثواب 70 ڀيرا يا ان ڪان بہ وڌيڪ آهي. (مراۃ المناجیح جلد7 ص 137) نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌيڪ ڪيو ويندو آهي، عرش کڻڻ وارا ملائڪ روزيدار جي دعا تي آمين چوندا آهن ۽ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي مطابق "رمضان جي روزيدار جي لاءِ مڇيون افطار تائين دعاءِ مغفرت ڪنديون رهنديون آهن.

(الترغيب و الترهيب، جلد 2 ص55، حديث:6)

نصیب تیرے کرم سے چمک اُٹھا یارب
جہاں میں پھر مہِ رمضان آ گیا یارب!
ہے لاکھ لاکھ ترا شکر پھر دیا رمضان
کرم سے ذوقِ عبادت بھی ہو عطا یارب!

## اعتڪاف پراڻي عبادت آهي

اي عاشقانِ رمضان! گذريل اُمَّتن ۾ بہ **اعتڪاف** جي عبادت موجود هئي. جيئن تہ پهرين سيپاري جي سورة البقره جي آيت نمبر125 ۾ **الله پاڪ** جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَعَهِدْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِىَ لِلطَّآىِٕفِيْنَ وَالْعٰكِفِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۱۲۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد ڪيو تہ منهنجي گهر کي طواف ڪندڙن ۽ اعتڪاف وارن ۽ رڪوع (۽) سجدو ڪرڻ وارن لاءِ چڱيءَ طرح پاڪ ڪريو.

## ٻن حجن، ٻن عُمرن جو ثواب

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

مَنِ اعْتَكَفَ فِيْ رَمَضَانَ كَانَ كَحَجَّتَيْنِ وَعُمْرَتَيْنِ۔

**ترجمو:** ”جنهن رمضان المبارڪ ۾ (ڏهن ڏينهن جو) اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي جيئن ٻہ حج ۽ ٻہ عمرا ڪيا.“

(شعب الايمان ج2 ص 425 حديث 2966)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عاشقِ رمضان جو عظيم الشان ديني ڪم

**اي عاشقانِ رمضان!** اميراهلسنت جي 1401 هجري جي ”ڪاغذي مسجد“ واري اعتڪاف کان پوءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جو آغاز ٿي ويو. پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي نظرِ عنايت آهي جو جڏهن کان اها مدني تحريڪ ٺهي آهي ان ڏينهن کان وٺي اج 1442 هجري تائين تقريباً 41 سال ٿي ويا آهن، الحمدلله! ديني ڪمن ۾ ڪڏهن پوئتي ناهي هٽي بلڪ هر قدم اڳتي ئي وڌندي پئي وڃي. جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي پهرين

مدني مرڪز ”جامع مسجد گلزارِ حبيب ڪراچي“ ۾ رمضان المبارڪ جي آخري عشري جي ”اجتماعي اعتڪاف“ جو سلسلو ٿيو جنهن ۾ تقريباً 60 عاشقانِ رسول مُعتڪف ٿيا.

**اي عاشقانِ رمضان!** ٿي سگهي ٿو توهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته اَڄُ کان تقريباً 41 سال پهريان صرف هڪ مسجد ۾ 28 عاشقانِ رسول اجتماعي اعتڪاف ڪيو، الحمدلله هاڻي وڌندي وڌندي 2019 ۾ صرف پاڪستان ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي تحت آخري عشري ۾ ۽ پوري رمضان جي مهيني جو اعتڪاف تقريباً 5 هزار 650 جڳهن تي ٿيو جنهن ۾ تقريباً هڪ لک 42 هزار 974 عاشقانِ رسول اعتڪاف ڪيو، اعتڪاف مان هٿوهٿ مدني قافلن ۽ مختلف مدني ڪورسن جي لاءِ تيار ٿيڻ وارن خوشنصيبن جو تعداد هن کان علاوه آهي. الله پاڪ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي هيءَ دعا قبول فرمائي آهي:

عطا ہو دعوتِ اسلامی کو قبولِ عام　　　اسے شرور و فتن سے بچایارب!

## رمضان المبارڪ ڇا آهي؟

**پيارا اسلامي ڀائرو!** چوڻي مشهور آهي: ته ”هيري جو قدر جوهري ئي ڄاڻيندو آهي“. جيڪڏهن ناسمجھ ٻار يا هيري جواهرن جي ڄاڻ نه رکڻ واري کي ڪٿان هيرو هٿ اچي وڃي ته اهو ان کي هڪ خوبصورت پٿر سمجهي ان سان پنهنجي دل وندرائي سگهي ٿو پر اهو نٿو ڄاڻي ته اهو ننڍڙو هيرو ڪيتري قدر قيمتي آهي، ائين ئي اسان جهڙا نادان حقيقي معنيٰ ۾ رمضان المبارڪ جي فيضان سان ناواقف آهن. جيڪڏهن چوته جيڪر اسان کي علم هجي ها ته هي رحمتن، برڪتن ۽ مغفرتن وارو مهينو ڪيتري فضيلتن وارو آهي ته اسان هن جي ڏينهن رات جي خوب قدر

ڪيون ها، خوب خوب خوشي ملهايون ها ۽ فرضن سان گڏوگڏ نفل، تلاوتِ قرآنِ ڪريم ۽ اعتڪاف وغيره سان الله پاڪ جي هن مهمان جي خاطر تواضع ڪيون ها، پر افسوس! اسان جي حالت تہ رمضانُ المبارڪ ۾ بہ تقريباً عام ڏينهن جيان رهندي آهي، نہ عبادت جو شوق نہ تلاوت جو ذوق، نہ نيڪين جي ڪثرت جو شوق، نہ پنهنجي مغفرت ڪرائڻ جي ڌُن، اسان غافل تہ نهايت غفلت ۾ ماهِ رمضان گذاري ڇڏيندا آهيون پر جيڪي الله وارا هوندا آهن انهن جي سڄي زندگي الله پاڪ ۽ ان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ گذرندي آهي ۽ ماهِ رمضان المبارڪ ۾ تہ اهي پنهنجي عبادتن کي ويتر وڌائي ڇڏيندا آهن، الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ان جي مقبول ٻاهن مان آهن.

## اميرِاهلسنت ۽ رمضان المبارڪ

هونئن تہ اميرِاهلسنت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو هر هر لمحو الله پاڪ جي رضا ۽ فرمانبرداري وارن ڪمن ئي ۾ گذرندو آهي پر رمضان المبارڪ ۾ تہ ايتري قدر عبادت ۽ رياضت جو ذوق و شوق وڌي ويندو آهي جو ڇا ڳالهہ ڪجي! تقريباً 70 سال جي عمر ٿيڻ باوجود بہ پاڻ دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه رمضان ۾ روزانو مڪمل 20 تراويح بيهي ادا فرمائيندا آهن. (افسوس! گذريل ٻن سالن کان گوڏن جي تڪليف جي ڪري مفتي صاحب ۽ ڊاڪٽر جي مشوري سان ويهي نماز ادا ڪري رهيا آهن.) نہ صرف تراويح بلڪ ڪمزوري ۽ وڏي عمر جي باوجود اشراق، چاشت، آوابين وغيره جو بہ اهتمام ڪندا آهن ۽ روزانو ڪيئي ڪلاڪ علمِ دين سيکارڻ، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي جذبي تحت دين ۽ دنيا جي بيشمار اهم موضوعن تي مشتمل ”مدني مذاڪرو“ ڪندا آهن جنهن ۾

نماز، وضو، غسل، روزو، زڪوٰة، قرباني، معاشرتي، ڪاروباري، گهريلو ۽ ٻيا شرعي مسئلا بيان ڪندا آهن. رمضان المبارڪ ۾ روزانو عصر ۽ تراويح کان پوءِ ٻن مدني مذاڪرن جو سلسلو هوندو آهي.

## 9 پيرا زيارتِ مصطفيٰ (مدني بهار)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي مقبول ٻانهن جي صحبت ۾ ويهڻ، انهن جا فرمان ٻڌڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي، خوش نصيب آهن اهي عاشقانِ رسول جيڪي اميراهلسنت جي مدني مذاڪرن ۾ حاضر ٿيندا آهن ۽ توجهه سان علم دين حاصل ڪندا آهن، مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جون تمام گهڻيون برڪتون آهن ۽ مدني مذاڪرن ڪهڙن جون زندگيون بدلي ڇڏيون آهن هن حوالي سان هڪ مدني بهار ملاحظه ڪيو ۽ جهومو! **جيئن ته**

پاڪستان جي هڪ اسلامي ڀيڻ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي نالي هڪ خط لکيو ته مان پهريان بدمذهبيت ۾ ايتري ته ڄميل هُيس جو ڪوبه اتان ڦيري نٿي سگهيو، مان پيري مريدي جي سخت مخالف هيس، منهنجي ذهن ۾ مختلف سوال ۽ اعتراض هئا، گهر ۾ مدني چينل ڏسندي اميراهلسنت جي مدني مذاڪرن ۽ بيانن ۾ مونکي پنهنجي اعتراضن ۽ سوالن جا جواب ملڻ لڳا، مونکي ائين لڳندو هيو جو اميراهلسنت منهنجي هر سوال کي ڄاڻن ٿا، جيڪو سوال منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيندو هو، اميراهلسنت ڪجهه ئي ڏينهن ۾ مدني چينل تي ان جو جواب ارشاد فرمائي ڇڏيندا هئا نتيجو اهو نڪتو جو مدني چينل ڏسڻ منهنجو معمول بڻجي ويو ۽ ائين آهسته آهسته مان عاشقانِ رسول جي مدني

تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس، اميراهلسنت جي مدني مذاڪرن جون زبردست برڪتون ظاهر ٿيون جو مون مدني برقعو پائڻ شروع ڪيو ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ حصو وٺڻ لڳيس، الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مون کي فيضانِ شريعت ڪورس جي معلمہ(يعني ٽيچر) ۽ علائقي ۾ ڊويزن مشاورت نگران بڻجڻ جي سعادت ملي. مونکي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ايترو ڪجھ مليو جيڪو بيان نٿي ڪري سگھان پنهنجو هيءُ بيان ڏيندي قسم کڻي چوان ٿي ته مونکي 9 ڀيرا الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، جنهن ۾ ٻہ ڀيرا اهڙي طرح ديدار مصطفيٰ ٿيو جو زماني جا ولي، اميراهلسنت بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئا ۽ حضور پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اميراهلسنت کان تمام گھڻو خوش نظر اچي رهيا هئا، الحمدللّٰه! اهو ايمان اَفروز منظر ڏسي ڪري منهنجو عقيدو مضبوط ٿي ويو ته مسلڪ حق اهلسنت، مسلڪ اعليٰ حضرت ئي درست آهي. الله پاڪ جي اميراهلسنت تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

خوفِ خدا و عشقِ مصطفےٰ علم و عمل اِصلاحِ معاشرہ

فقہِ شریعت و طریقت کا ہے مجموعہ مدنی مذاکرہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان جو شان

حڪيمُ الاُمَّت، حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رمضان رَمَضٌ مان ٺهيو آهي بمعنيٰ گرمي يا گرم، ڇوته ڀٺي گندي لوھ کي صاف ڪندي آهي ۽ صاف لوھ کي پُرزو بڻائي قيمتي ڪري ڇڏيندي آهي ۽

سون کي محبوب جي پائڻ جي لائق بڻائي ڇڏيندي آهي انهيءَ طرح روزو گنهگار جا گناهہ مُعاف ڪرائيندو آهي، نيڪوڪار (يعني نيڪ ٻانهن) جا درجا وڌائيندو آهي انڪري ان کي رمضان چوندا آهن، پڻ هي الله جي رحمت، محبت، ضمان، امان ۽ نور کڻي ايندو آهي انڪري رمضان چورائيندو آهي. خيال رهي تہ رمضان هي پنج نعمتون آڻيندو آهي ۽ پنج عبادتون: روزو، تراويح، اعتڪاف، شبّ قدر ۾ عبادتون ۽ تلاوتِ قرآن. انهيءَ مهيني ۾ قرآنِ ڪريم لٿو ۽ انهيءَ مهيني جو نالو قرآنِ ڪريم ۾ ورتو ويو. (مرأۃ المناجيح، جلد3 ص 133)

تجھ پہ صدقے جاؤں رَمضاں!تُو عظیمُ الشان ہے　　تجھ میں نازِل حق تعالٰی نے کیا قرآن ہے

## خوشيءَ جا ٽي موقعا

رمضان المبارڪ جا سچا عاشق، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه فرمائن ٿا: منهنجي زندگي جا انتهائي خوشي وارا ٽي موقعا آهن: (1) ربيع الاول شريف جا پهريان 12 ڏينهن، خاص طور عيد ميلاد النبي 12 ربيع الشريف جو ڏينهن. (2) مديني جي حاضري جو ڏينهن ۽ (3) رمضان المبارڪ جي آمد. (مدني مذاڪره، شوال1435ھ مدني گل نمبر10)

## سڄي دنيا جو نظام تبديل

اي عاشقانِ رمضان! خوش نصيب مسلمان الله پاڪ جي مهمان ماهِ رمضان جو بيحد احترام ڪندا آهن، هن مبارڪ مهيني جي تشريف آوري سان سڄي عالم جو رنگ ئي نرالو ٿي ويندو آهي، مسجدون نمازين سان ڀرجي وينديون آهن، عاشقانِ ماهِ رمضان روزن جو خوب اهتمام ڪندا آهن، سحري ۽ افطاري جي وقت اهڙي پُرڪيف فضا

هوندي آهي جو جنهن جو بيان ئي نٿو ڪري سگهجي جڻ دنيا جو نقشو ئي بدلجي ويندو آهي، ننڍڙا ۽ وڏا هن مهيني جي آمد تي خوش ٿيندا آهن ۽ خوش ڇو نہ ٿين جو هن مبارڪ مهيني ۾ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن تي فضل ۽ ڪرم جي اهڙي برسات وسائيندو آهي جو روزانو لکين گنهگارن کي جهنم جي باهہ کان آزاد فرمائيندو آهي، افسوس! اي ڪاش! عاشقانِ رمضان اميراهلسنت جيان اسان بہ ماهِ رمضان جا حقيقي قدردان بڻجي وڃون، اسان غفلت جا ماريل الله پاڪ جي پياري پياري مهمان جو سهڻي انداز ۾ استقبال ڪيون ۽ ان ۾ خوب نيڪيون ڪيون ۽ اي ڪاش! ماهِ رمضان اسان جي بي حساب مغفرت جو سبب بڻجي وڃي. عاشقِ ماهِ رمضان اميراهلسنت بارگاهِ ربُّ الانام ۾ عرض ڪن ٿا:

میں رَحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں

مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ

## اميراهلسنت جي رمضان سان محبت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بانيِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه الله پاڪ جي انهن نيڪ ٻانهن مان آهن جن سيڪڙو نہ، هزارين نہ بلڪ لکين مسلمانن کي نہ صرف ماهِ رمضان المبارڪ جو اَدب ۽ احترام ڪرڻ جو درست طريقو ٻُڌايو آهي بلڪ حقيقي معنيٰ ۾ هن بابرڪت مهيني جي محبت دلين ۾ پيدا ڪئي آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مونکي ماهِ رمضان سان بيحد پيار آهي ڇوتہ هي الله پاڪ جو اِهو مهينو آهي جنهن جي هر گهڙي

رحمت واري آهي، هن ۾ گنهگارن جي بخشش ٿيندي آهي، مون کي سڄو سال ماهِ رمضان جو انتظار رهندو آهي، جڏهن کنهن جو نالو ”رمضان“ ٻُڌندو آهيان تہ مونکي تمام گهڻو سنو لڳندو آهي، جڏهن رَجَبُ المرجب جي آمد ٿيندي آهي تہ منهنجي اندر هڪ خوشي جهڙي ڪيفيت هوندي آهي جو رجب شريف اچي ويو جڻ رمضان المبارڪ جو مين دروازو کُلي ويو آهي، بس رمضان هاڻي آيو هاڻي آيو، پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مونکي رجب المرجب، شعبان المعظم ۽ رمضان المبارڪ جا مهينا تمام گهڻو محبوب آهن، ڇوتہ انهن ۾ روزن جي ڪثرت ڪئي ويندي آهي. عاشقِ ماهِ رمضان سان محبت جو عالم تہ ڏسو پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه تقريباً سڄو سال هيءَ دعا گهرندا آهن: ’اَللّٰهُمَّ بَلِّغْنَا رَمَضَانَ بِصِحَّةٍ وَّعَافِيَة‘ يعني اي الله! اسان کي رمضان سان صحت ۽ عافيت سان ملاءِ. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ان دعا کي پڙهندا ڪيون.

واسِطہ رَمضان کا یارب! ہمیں تُو بخش دے ۔۔۔ نیکیوں کا اپنے پلّے کچھ نہیں سامان ہے
کاش! آتے سال ہو عطار کو رَمضاں نصیب ۔۔۔ یانبی! میٹھے مدینے میں بڑا ارمان ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## استقبالِ ماهِ رمضان

**اي عاشقانِ رمضان!** 24 شعبان المعظم 1431 هجري بمطابق 5 آگسٽ2010ء تي عاشقِ رمضان امير اهلسنت دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ هڪ منفرد موضوع تي بيان فرمايو جنهن جو نالو **”استقبالِ رمضان“** هو هن سنتن ڀري بيان ۾

عاشقِ رمضان اميرِاهلسنت رمضان المبارڪ جي تشريف آوري ڪان پهريان هزارين عاشقانِ رسول جي درميان رمضانُ المبارڪ جا فضائل بيان ڪندي هن طرح دعا گهري: ياالله پاڪ! توکي پنهنجي محبوب جو واسطو اسان کي رمضان المبارڪ جي تشريف آڻڻ تائين صحت ۽ عافيت سان زنده رکجانءِ ۽ اسان کي ماهِ رمضان کان محروم نہ ڪجانءِ هن لاءِ جو اسان کي ماهِ رمضان تمام گهڻو پيارو لڳندو آهي، اسان کي تہ هاڻي کان ائين لڳي ٿو تہ هيءُ تشريف وٺي ويندو تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان هاڻي کان نيّت ڪريون ٿا تہ رمضانُ المبارڪ جا سمورا روزا رکنداسين، پوري تراويح جي نماز پڙهنداسين، هر نماز جماعت سان پڙهنداسين، ان شاءالله، اي الله پاڪ! رمضان المبارڪ جي پهرين رات اچڻ واري آهي، مون گنهگار تي رحمت جي نظر فرماءِ. جيترا عاشقانِ رسول مدني مرڪز ۾ جمع آهن انهن سيني تي رحمت جي نظر فرماءِ، مدني چينل جي تمام ناظرين تي بہ رحمت جي نظر فرماءِ. ياالله پاڪ! اسان کي رمضان جو قدردان بڻاءِ. رمضان المبارڪ جي تشريف آڻڻ کان پهريان پهريان اسان کي چڱو ڪري ڇڏ ۽ اهڙو چڱو ڪري ڇڏ جو اسان قبر ۾ بہ چڱا ئي پهچون. اسان جون سيئي برايون، گناهن جون گندگيون ڌوپجي وڃن ۽ اسان صاف سترا پاڪ ٿي ڪري رمضان المبارڪ جي چنڊ کي ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

## هلال ماهِ رمضان

اي عاشقانِ رمضان! اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه رمضان المبارڪ جو چنڊ

ڏسڻ جي لاءِ پاڻ تشريف وٺي ويندا آهن، هتن ۾ مدني پرچم کڻي، غمگين دل ۽ جگر ۽ بيتاب اکين سان هلالِ رمضان(رمضان المبارڪ جي چنڊ) کي تلاش ڪندا آهن، جيئن ئي ”هلالِ رمضان“ نظر ايندو يا چنڊ ڏسڻ جو اطلاع ملندو آهي ته خوشي جي عالم ۾ بعض اوقات خوشي جا اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويندا آهن، پوءِ انهيءَ پُرڪيف ماحول ۾ **”رمضان جي آمد مرحبا“** جا نعرا لڳايا ويندا آهن. هڪ ڀيرو عاشقِ رمضان اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي هڪ سنتن ڀري بيان ۾ ارشاد فرمايو: ماهِ رمضان تي صدقو وڃان جو هلالِ رمضان (يعني رمضان المبارڪ جي پهرين جي چنڊ) ۾ اهڙي ڪشش هوندي آهي جو دِل چوندي آهي ته هن کي پڪڙي دل ۾ لاهي ڇڏيان ۽ ماهِ رمضان سان ائين چنبڙي وڃان جو ان کي واپس ئي وڃڻ نه ڏيان يا وري وڃي ته مون کي به ساڻ وٺي وڃي. (ماهِ رمضان کي روڪڻ ۽ ان سان گڏ وڃڻ جي الفاظن ۾ رمضان المبارڪ سان بي انتها محبت جو اظهار آهي.)

ماہِ رمضاں کی آمد مرحبا ماہِ صیام کی آمد مرحبا
شہرِ رحمٰن کی آمد مرحبا ماہِ غفران کی آمد مرحبا

## رمضان جي آمد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اميراهلسنت عاشقانِ رسول کي رمضانُ المبارڪ جي تشريف آوري جي مبارڪ باد ڏيندا ۽ خوشي ۾ تحفا وغيره به عنايت فرمائيندا آهن، 1439 هجري جي رمضان المبارڪ جي پهرين رات ٿيڻ واري مدني مذاڪري ۾ اميراهلسنت عاشقانِ رمضان کي هن طرح مبارڪ ڏني: تمام عاشقانِ رمضان کي ماهِ

رمضان جي آمد مبارڪ هجي، الحمدلله! جنهن خوبصورت گهڙين جو انتظار هو، الله پاڪ اسان کي اهي عطا فرمائي ڇڏيون، اسان ان جو جيترو به شڪر ادا ڪريون اُهو تمام ٿورو آهي، الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان جي قدر نصيب فرمائي ۽ اسان کي عبادت جي توفيق عطا فرمائي. (مدني مُذاڪره، 1 رمضان 1439ھ)

الٰہی عشرۂ رحمت کی ہوگئی آمد
ہمیں بھی بھیک دے رحمت کی یاخُدا یارب

کرم سے عشرۂ رحمت کو پالیاہم نے
تُو بخش عشرۂ رحمت کا واسطہ یا رب

طفیلِ عشرۂ رحمت ہو ساتھ ایماں کے
ترے حبیب کے جلووں میں خاتمہ یارب

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان جي مبارڪ باد ڏيڻ سنت آهي

رمضان المبارڪ جي اچڻ جي مبارڪ ڏيڻ حديثِ پاڪ مان ثابت آهي: مشهور مُفسّرِ قرآن، حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ جي هن حصي اَتَاكُمْ رَمَضَانُ شَهْرٌ مُّبَارَكٌ يعني ”رمضان جو مهينو اچي ويو آهي جيڪو نهايت بابرڪت آهي“ جي حوالي سان مرآة المناجيح ۾ فرمائن ٿا: برڪت جي معنيٰ آهي ويهي رهڻ، انڪري اُٺ جي طويلي(يعني اٺ ٻڌڻ واري جاءِ) کي مُبَارَكُ الاِبل چيو ويجي ٿو جو اُتي اُٺ ويهندا ٻڌجندا آهن. هاڻي اها زيادتي خير (يعني ڀلائي جو وڌڻ) جيڪا (ڀلائي) اچي نه وڃي برڪت چورائيندي آهي، چوته ماهِ رمضان ۾ حِسّي (يعني محسوس ڪيون ويندڙ) برڪتون به آهن ۽ غيبي برڪتون به، انهيءَ ڪري هن مهيني جو نالو ”ماهِ مبارڪ“ به آهي. رمضان ۾ قدرتي طور

تي مؤمنن جي رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ هر نيڪي جو ثواب 70 پيرا يا ان کان به وڌيڪ آهي. هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو ته ماهِ رَمَضانُ المبارڪ جي آمد (يعني اچڻ) تي خوش ٿيڻ، هڪٻئي کي مبارڪ باد ڏيڻ سنت (مان ثابت) آهي. (مراٰة المناجيح، جلد3 ص 137)

اَبرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نور نور
فضلِ رب سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے

رمضان المبارڪ جي پهرين رات امير اهلسنت جي مبارڪ چهري تي چمڪ دمڪ جو عالم ئي نرالو هوندو آهي، نوَن يا عمده ڪپڙن جو اهتمام ۽ سحري و افطاري ۾ الله پاڪ جي بارگاه ۾ دعا جي ڪيفيت ۽ سُرور لفظن ۾ بيان نٿو ٿي سگهي. اَميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مونکي ننڍپڻ کان ماهِ رمضان المبارڪ ۾ گهڻو مزو ايندو هو. مون کي روزن ۽ رمضان کان تمام گهڻو پيار آهي، رمضان المبارڪ ۾ منهنجي هڪ خاص ڪيفيت هوندي آهي جيڪا سڄو سال ناهي هوندي، ان ڪري جو رمضان المبارڪ نيڪيون ڪرڻ وارن ۽ جنت ۾ وڃڻ وارن جو موسم آهي. الحمدلله! مان عالمي مدني مرڪز(فيضان مدينه) ۾ سحر ۽ افطار جي وقت ٿيڻ واري دعا جي لذت ماڻيندو آهيان.

آ گیا رَمضان عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد یہ دِن تیس کا مہمان ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ ولادت غوثِ اعظم

**اي عاشقانِ غوثِ اعظم!** اسان جي پياري پياري پير و مرشد، پيرانِ پير، پيرِ دستگير، حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يڪم

رمضان المبارڪ بروز پير صبحِ صادق جي وقت دنيا ۾ تشريف وٺي آيا، اُن وقت سندن مبارڪ لَب آهستہ آهستہ چُري رهيا هئا ۽ اللّٰه اللّٰه جو آواز اچي رهيو هو. (الحقائق في الحدائق، ص 139) جنهن ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت ٿي اُن ڏينهن جيلان شريف ۾ يارهن سؤ ٻار پيدا ٿيا اهي سڀ جا سڀ ڇوڪرا هئا ۽ سڀ وليُّ الله بڻيا. (تفريحُ الخاطر.ص58) غوث الاعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيدا ٿيندي ئي روزو رکي ورتو ۽ جڏهن سج غروب ٿيو تہ ان وقت ماءُ جو کير پيتو. سڄو رمضان المبارڪ سندن اهو ئي معمول رهيو. (بهجة الاسرار،ص172) **اللّٰه ربُّ العزت جي غوثِ پاڪ تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

پیدا ہوتے ہی رکھے رَمضاں میں روزے، دن میں دودھ کا نہ اک قطرہ پیا یا غوثِ اعظم دستگیر

## رمضان المبارڪ جي چنڊ واري رات

1432 هجري بمطابق 2011ء تي رمضان المبارڪ جي پهرين رات ٿيڻ واري مدني مذاڪري ۾ عاشقِ ماهِ رمضان اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ۾ پوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف ڪرڻ وارن سيڪڙو خوشنصيب عاشقانِ رسول جي درميان ڪجھ هن طرح خوشي جو اظهار فرمايو: الحمدلله! اَڄُ ماهِ رمضان المبارڪ جي چنڊ جي رات آهي، ڪيتري حسين رات آهي جڻ هر طرف نور وسي رهيو آهي، اللّٰه پاڪ رمضان المبارڪ جي محبت جو جذبو هميشہ اسان جي سينن ۾ قائم رکي ۽ هيءُ جذبو قبر ۾ بصورتِ چراغ اسان سان گڏ رهي ۽ هن سان قبر جو انڌيرو دور ٿي وڃي، الحمدلله! رمضان المبارڪ جي آمد تي هر مُسلمان خوش ٿيندو آهي، هن مهيني ۾ سڄي

دنيا جي اسلامي ملڪن ۾ مسلمانن جو اندازِ زندگي بدلجي ويندو آهي، غيراسلامي ملڪن ۾ مسلمانن جي علائقي، محلي ۾ انداز تبديل ٿي ويندو آهي رمضان المبارڪ سڄي دنيا جي ڪروڙين مسلمانن جا حالات بدلي ڇڏيندو آهي، انهن کي نمازن ۽ تراويح ۾ بيهاري ڇڏيندو آهي، لکين مسلمانن کي اعتڪاف جي صورت ۾ مسجد ۾ ويهاريندو آهي، رمضان المبارڪ ۾ جيڪو ڪجھ آهي اهو هن کان علاوه ۾ ٿي نٿو سگهي، رمضان المبارڪ تمام گهٽيون رحمتون ۽ برڪتون آڻيندو آهي.

هڪ ڀيرو پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه رمضان المبارڪ جي پهرين رات تي ارشاد فرمايو: مون اَڄوڪي مڪمل تراويح ادا ڪرڻ کان پوءِ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي شڪر جو سجدو ڪيو ته ياالله پاڪ! تنهنجو شڪر آهي ته تو مون کي پوري تراويح پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. پوءِ تراويح سان محبت جو اظهار ڪجھ هن طرح فرمايو: خدا جو قسم! تراويح رمضان المبارڪ جو تمام وڏو تحفو آهي ائين سمجهو ته تراويح جنت ۾ وڃڻ جو اسان جو "گيٽ پاس" آهي جو اها سنّتِ مؤڪده آهي. ٿي سگهي ته توهان به تراويح پڙهڻ کان پوءِ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو ته ياالله پاڪ! تنهنجو شڪر آهي جو تو مونکي تراويح پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

## تراويح جي سنت

**اي عاشقانِ رمضان!** الحمدلله! رمضان المبارڪ ۾ جتي اسان کي بيشمار نعمتون ميّسر اينديون آهن انهن ئي مان "تراويح جي سنت" به شامل آهي سنّت جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي! الله پاڪ جي پياري رسول،

رسولِ مقبول دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشڪوٰة، جلد1 ص97، حديث:175)

تراويح سُنّتِ مُؤڪده آهي ۽ ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ختمِ قرآن به سنتِ مؤڪده آهي. (درمختار، جلد2 ص 595، 601)

سينہ تِري سنت کا مدينہ بنے آقا
جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٽڪر جي ٽانوَ ڏاڙهي رکرائي ڇڏي (مدني بهار)

ڪراچي (پاڪستان) جي رهڻ وارو نوجوان، تمام گهڻو فيشن ڪندو هو، ان جو معاذالله روزانو هڪ فلم ڏسڻ جو معمول هو ۽ گانن ٻڌڻ جو ايتري قدر شوق هيس جو بستر تي پاڻ سان گڏ ننڍي ٽيپ ريڪارڊ ڪٽي گانا ٻُڌندي ٻُڌندي سمهي پوندو هو ۽ صبح جو اٿي ڪري گانا ٻڌڻ شروع ڪندو هو، ڪيل تماشي جو شوقين ۽ زبان جو ايتري قدر تيز هو جو چڱو ڀلو قادر الڪلام به ان جي حاضر جوابي ۾ هارجي ويندو هو، پڻ نيڪ ماڻهن جي صحبت کان دوري جي سبب نمازن وغيره کان محروم هو، نادان ۽ بُرن دوستن سان سيرو تفريح تي وڃڻ ۽ هوٽلن تي کائڻ جو مقابلو ڪرڻ ان جي زندگي جو حصو هو. ان نوجوان جي زندگي جو فيشن ۽ بُري صُحبت کان ڇوٽڪاري جو سبب هي ٿيو جو ڪنهن اُن کي اميراهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو بيان ”جهنم جون تباهه ڪاريون“ ٻڌڻ جي لاءِ ڏنو، بيان

ٻُڌي ڪري ڏڪڻ لڳو، گناهن کان سچي پڪي توبہ ڪيائين. 1411 هجري ۾ گلزارِ حبيب ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف جي لاءِ ڪنهن ذهن بڻايو ڇوتہ زندگي ۾ ڪڏهن اعتڪاف ڪيوئي نہ هئائين انهيءَ ڪري يڪدم 10 ڏينهن جو اعتڪاف ٻُڌي ڇرڪي پيو، وڏيڪ نفس اِهو وسوسو وِڌو تہ هن طرح تہ نائٽ ڪرڪيٽ ميچ جو مزو بہ ويندو هليو، پر الله پاڪ ۽ ان جي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي رحمت سان قسمت جو ستارو چمڪي پيو ۽ آخرڪار ذهن بڻجي ئي ويو. ان نوجوان جي دوستن کي جڏهن پنهنجي ساٿي جي اعتڪاف جي خبر پئي تہ اهي بہ دوست سان ملڻ آيا، اهي پنهنجي دوست جي شرارتن سان چڱي طرح واقف هئا، تنهنڪري مذاق ڪندي هڪ دوست ان کي چيو: ”هنن ويچارن مولوين کي تہ بخشي ڇڏ!“ يعني تُون سيني کي تہ بيوقوف بڻائيندو آهين، هنن نيڪ ماڻهن کي تہ بيوقوف نہ بڻاءِ! پر انهن دوستن کي اها خبر ڪٿي هئي تہ هيءُ اهو پهريون ماڊرن نوجوان نہ هو بلڪ هن تي تہ مدني رنگ چڙهي چڪو هو، الحمدلله! امير اهلسنت بہ اتي اعتڪاف ۾ هئا. دوران اعتڪاف امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نڪر جي ٿانوَ ۾ پاڻي پيتو تہ ڪيئي معتڪفين الله پاڪ جي مقبول ٻانهي، ولي ڪامل امير اهلسنت جي نسبت جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ اُن پيالي کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيقرار ٿي ويا. اهو نوجون بہ انهن طالبين(يعني پيالو گهرڻ وارن) خوش نصيبن ۾ شامل هو. پوءِ هيءَ اعلان ٿيو تہ هيءُ پيالو ان کي ملندو جيڪو پنهنجي چهري تي سنت مطابق ڏاڙهي سجائڻ جي نيّت ڪندو. اهو ٻڌندي ئي اڳوڻو ماڊرن نوجوان اڳتي وڌيو ۽ ان نيت ڪئي تہ هاڻي منهنجي گردن ڪٽجي سگهي ٿي پر نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي سنت ڏاڙهي ڪونہ

ڪتبي پوءِ ان امير اهلسنت جو استعمال ڪيل پيالو حاصل ڪيو ۽ وليءِ ڪامل جي تبرڪ جي برڪت ائين ظاهر ٿي جو اهو اڳوٽو ماڊرن نوجوان نہ صرف ڏاڙهي سجائڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو بلڪ ٻين سنتن تي عمل ڪرڻ وارو بہ بڻجي ويو ۽ هميشہ جي لاءِ دعوتِ اسلامي وارو بڻجي ويو. ان نوجوان جو نالو "**حاجي محمد عمران عطاري**" آهي الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظر عنايت ۽ پنهنجي مرشدِ ڪامل جي اطاعت ۽ فرمانبرداري سان اهي ترقي ڪندي ڪندي هاڻي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلس جا نگران بڻجي چڪا آهن. الله ربُّ العِزّت جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

ڪنهن چا تہ خوب فرمايو آهي:

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی — بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزيءَ ۾ برڪت جو وظيفو

يڪم رمضان المبارڪ تي مغرب جي نماز کان پوءِ جيڪو 21 پيرا سورة القدر (اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ۝) پڙهي تہ ان جي روزي ۾ اهڙي برڪت ٿيندي جيئن مٿاهين جڳهہ تان پاڻي جو وهڪرو تيزي سان هيٺ ايندو آهي هن طرح اُن جي طرف مال ۽ دولت تيزي سان وڌندو ۽ ائين

اُن جي تنگدستي دور ٿيندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رَمضَانُ المبارڪ جي قدر ڪيو

**اي عاشقانِ رَمضَان!** زندگي نهايت مختصر آهي، عقلمند کي گهرجي جيترو دنيا ۾ رهڻو آهي اُوترو دنيا جي ۽ جيترو آخرت ۾ رهڻو آهي اوترو آخرت جي تياري ڪري، اسان سڀني گهرجي ته رمضان المبارڪ جي ڏينهن ۾ پنهنجون عبادتون وڌايون بلڪ جنهن سان ٿي سگهي اهو ڪم ڪار ڇڏي ڪري پوري ماهِ رمضان جي لاءِ اعتڪاف ۾ ويهي رهي، اسان سڄو ئي سال ته مال ڪمايون ٿا، ڇو نه هن مبارڪ مهيني جي تعظيم ۽ احترام ڪَرِي دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ شرڪت ڪري نيڪيون ڪمايون ۽ پنهنجي قبر ۽ آخرت کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪيون، زندگي جي ڪهڙي خبر ته بيهر رمضان المبارڪ جون هي بهارون نصيب ٿينديون به يا نه؟ چوته ماهِ رمضان المبارڪ ته آئنده سال به تشريف ڪٽي ايندو، اسان کي ناهي خبر ته اسان دنيا ۾ رهنداسين يا نه، نيت ڪيو ته الله پاڪ چاهيو ته اسان ماهِ رمضان المبارڪ جو ڪو لمحو به غفلت ۾ ڪونه گذارينداسين. عاشقِ رمضان اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمائن ٿا: اي ڪاش! ماهِ رمضان جو چنڊ اسان هن حال ۾ ڏسون ته اسان فيضانِ مدينه ۾ هجون ۽ اي ڪاش! پورو رمضان اسان اعتڪاف سان مسجد ۾ پيل رهون چوته رمضان المبارڪ جو لطف ته الله پاڪ جي گهر ”مسجد“ ۾ ملندو بازار ۾ ڪونه ملندو. جيڪو مسجد ۾ رمضان جو

ذائقو ڪٽي وڃي ته اهو اهڙو منو ٿي ويندو جو ان شاءالله قبر ۾ به مناڻ ڪٽي ويندو. (بيان، استقبالِ رمضان)

بھائیو بہنو! کرو سب نیکیوں پر نیکیاں
پڑ گئے دوزخ پہ تالے قید میں شیطان ہے

بھائیو بہنو! گناہوں سے سبھی توبہ کرو
خلد کے در کھل گئے ہیں داخلہ آسان ہے

کم ہوا زورِ گنہ اور مسجدیں آباد ہیں
ماہِ رَمضانُ المبارک کا یہ سب فیضان ہے

روزہ دارو! جھوم جاؤ کیونکہ دیدارِ خدا
خلد میں ہوگا تمہیں یہ وعدۂ رحمٰن ہے

دو جہاں کی نعمتیں ملتی ہیں روزہ دار کو
جو نہیں رکھتا ہے روزہ وہ بڑا نادان ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فيضانِ رمضان ڪتاب

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقِ رمضان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رمضان سان بيمثال محبت جو عالم ته ڏسو جو پاڻ رمضان المبارڪ جي فضائل ۽ مسائل تي مشتمل 450 صفحن جو ڪتاب بنام"فيضان رمضان" لکيو آهي جيڪو عالمي شهرت ماڻڻ واري ڪتاب "فيضان سنت" جو هڪ باب آهي. هن ڪتاب کي پڙهو، ان شاءالله! ڪيئي شرعي مسئلن سان گڏوگڏ توهان پنهنجي دل ۾ رمضان المبارڪ جي محبت وڌندي محسوس ڪندؤ ڇوته هيءُ ڪتاب لکڻ واري جي قلبي احساسن جي ترجماني ڪرڻ وارو آهي.

## عالمي مدني مرڪز ۾ فيضان رمضان

الله پاڪ توفيق ڏئي ته سڄو ماهِ رمضان الله پاڪ جي گھر ۾

گذاريو، دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ رمضان المبارڪ جو رنگ ئي نرالو هوندو آهي هر وقت رحمتن جي برسات ڇماڇم وسندي آهي. ڇوتہ هزارين عاشقانِ رسول مختلف شهرن، ڳوٺن ۽ ملڪن مان صرف عاشقِ ماهِ رمضان سان رمضان المبارڪ جون بابرڪت گهڙيون گذارڻ جي لاءِ عالمي مدني مرڪز جو رخ ڪندا آهن.

## عاشقِ رمضان جو عظيم الشان اعتڪاف

پياري رمضان جا پيارا ديوانؤ! عاشقِ رمضان امير اهلسنت جي فيض ۽ برڪتن ۽ پرخلوص ڪوششن سان دعوتِ اسلامي جي اجتماعي اعتڪاف ۾ لڳاتار اضافو ٿيندو پيو وڃي، آخري عشري جو اعتڪاف تہ يقيناً توهان ٻُڌو هوندو پر ڪٿي هزارين عاشقانِ رسول پوري رمضان جي لاءِ اجتماعي طور تي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيندا آهن اهڙي مثال شايد توهان کي ڪٿي نہ ملي، هن عظيم الشان ديني ڪم جو سهرو عاشقِ رمضان ئي جي سر(مٿي) تي آهي. جنهن هڪ نہ ٻہ سؤ نہ بلڪ هزارين عاشقانِ رسول کي پورو ماهِ رمضان الله پاڪ جي گهر ۾ ويهڻ جو ذهن ڏئي ڪري الله پاڪ جي گهرن کي آباد ڪرايو.

## سڄي مهيني جو اعتڪاف

جنتي صحابي حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي: هڪ ڀيرو سلطانِ دوجهان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ رمضان جي پهرين تاريخ کان ويهہ رمضان تائين

اعتڪاف ڪرڻ ڪان پوءِ ارشاد فرمايو: مون شب قدر جي تلاش جي لاءِ رمضان جي پهرين عشري جو اعتڪاف ڪيو پوءِ درمياني عشري جو اعتڪاف ڪيو پوءِ مونکي ٻڌايو ويو تہ شبّ قدر آخري عشري ۾ آهي تنهنڪري توهان مان جيڪو شخص مون سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ چاهي اهو ڪري. (مُسلم، ص457، حديث:2769)

## معتڪف جڻ نمازيءَ جيان آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان ڪي زندگي ۾ هڪ ڀيرو تہ هن مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادا ڪي ادا ڪندي سچي رمضان المبارڪ جو اعتڪاف ڪرڻ ئي گهرجي. هونئن بہ مسجد ۾ رهڻ تمام وڏي عبادت آهي ۽ معتڪف جي تہ چا ڳالھ ڪجي جو رضاءِ الٰهي ماڻڻ جي لاءِ پاڻ ڪي مصروفيتن ڪان فارغ ڪري مسجد ۾ ويهي رهندو آهي. فتاويٰ عالمگير ۾ آهي: اعتڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن ڇوتہ هن ۾ بانهو الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمل طور تي پاڻ ڪي الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا جي انهن تمام ڪمن ڪان دور ٿي ويندو آهي جيڪي الله پاڪ جي قريب ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻجندا آهن ۽ معتڪف جو سڄو وقت حقيقي ۽ حڪمي طور نماز ۾ گذرندو آهي.(ڇوتہ نماز جو انتظار ڪرڻ بہ نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتڪاف جو مقصودِ اصلي جماعت سان نماز جو انتظار ڪرڻ آهي ۽ معتڪف انهن (ملائڪن) ڪان مشابهت رکندو آهي جيڪي الله پاڪ جي حڪم جي نافرماني ناهن ڪندا ۽ جيڪو ڪجھ انهن ڪي حڪم ملندو آهي ان ڪي بجاآڻيندا آهن، ۽ انهن سان مشابهت رکندو آهي

جيڪي رات ڏينهن الله پاڪ جي پاڪي بيان ڪندا رهندا آهن ٿڪبا ناهن. (فتاويٰ عالمگير، جلد1 ص 212)

**1440 هجري بمطابق 2019ء جي رمضان المبارڪ ۾ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ پاڪستان جي ڇئن ئي صوبن مان آيل عاشقانِ رمضان جا ايمان اَفروز تاثرات........**

(1) پاڪستان جي صوبي پنجاب مان آيل هڪ گورنمنٽ ملازم ”تاج محمد“ صاحب جو چوڻ آهي: مان انڪري عاشقِ رمضان اميراهلسنت سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ آيو آهيان جو هتي تمام سنو نظام بڻيل آهي هتي گناهن کان حفاظت ٿي سگهي ٿي.

(2) ڪراچي جي علائقي شاهہ فيصل ڪالوني سان تعلق رکڻ واري هڪ عاشقِ رسول جو چوڻ آهي تہ ٻہ سال پهريان مون پنهنجي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اعتڪاف ۾ شرڪت ڪئي، مون کي ايترو مزو آيو جو مون نيّت ڪئي تہ ايندڙ سال ويهہ ڏينهن جي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪندس، ۽ هن سال الحمدلله! مان سڄي رمضان جي اعتڪاف جي لاءِ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي حاضر ٿي چڪو آهيان.

(3) پاڪستان جي صوبي سنڌ جي علائقي بدين سان تعلق رکندڙ هڪ عاشقِ رسول جو بيان آهي: مان آرمي ۾ ٽيچر آهيان مان هتي پهريان ٻہ ٻہ ڀيرا اعتڪاف ڪيو آهي، الحمدلله! هتي دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اعتڪاف ۾ تمام گهڻو سکڻ جو موقعو ملي ٿو، وڌيڪ عاشقِ ماهِ رمضان امير اهلسنت هتي پاڻ موجود هوندا آهن.

(4) پاڪستان جي صوبي پنجاب جي شهر ساهيوال سان تعلق رکندڙ هڪ خوش نصيب عاشقِ رمضان جو چوڻ آهي: الحمدلله! مان دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ پندرهن ڀيرا اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪري چڪو آهيان، هتي عاشقِ رمضان امير اهلسنت خود پاڻ اعتڪاف فرمائيندا آهن، سندن محبت هتي ڇڪي آئي آهي، ان شاءالله! انهن جون برڪتون حاصل ڪنداسين، زندگي جي خبر ناهي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ته عاشقِ رمضان امير اهلسنت سان اعتڪاف هئڻ گهرجي،

(5) پاڪستان جي صوبي خيبر پختونخواه جي مختلف شهرن(سوات، چارسده، مردان، شانگلا، ڊِير وغيره) مان عاشقانِ رسول هڪ پوري بَس ڀري رمضان المبارڪ جو اعتڪاف ڪرڻ جي لاءِ عالمي مدني مرڪز ڪراچي حاضر ٿيا، هنن ۾ سوات سان تعلق رکڻ واري هڪ وڪيل صاحب ٻڌايو ته مان عاشقِ رمضان اميراهلسنت سان پورو رمضان گذارڻ جي لاءِ آيو آهيان ۽ نيّت ڪئي آهي ته هتي رهي ڪري مڪمل طور برڪتون حاصل ڪندس، الله پاڪ مون کي هن تي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

(6) ڪراچي يونيورسٽي ۾ پڙهڻ واري هڪ ايم ايس سي پئٽروليم جو طالبعلم پوري ماهِ رمضان جي اعتڪاف جي لاءِ حاضر ٿيو، انهن ٻڌايو ته منهنجي امڙ مدني چينل وڏي شوق سان ڏسندي هئي، مان بزنس بہ ڪندو آهيا، رمضان

المبارڪ اسان جي ڪمائڻ جو سيزن ٿيندو آهي، مون نيّت ڪئي آهي تہ بَس مونکي هن مهيني ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻي آهي.

(7) پرائيويٽ اسڪول جي هڪ ٽيچر ڪجھ هن طرح تاثرات ڏنا تہ رمضان المبارڪ ۾ عالمي مدني مرڪز جا حسين ۽ دلڪش نظارا ڏسي ڪري ائين لڳي رهيو آهي جيئن مان”مديني“ ۾ آهيان. (مدني مذاڪرو، 1 رمضان بعدِ عشاء)

رحمتیں لُوٹنے کے لئے آؤ تم
مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

سنّتیں سیکھنے کے لئے آؤ تم
مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

اِنْ شَآءَاللّٰہ ہر کام ہو گا بھلا
مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

مان بھی جاؤ عطار کی التجا
مدنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فيضان رمضان ۽ مدني چينل

**اي عاشقانِ رمضان!** سڄي دنيا ۾ قرآن ۽ سنت جو درست پيغام گھر گھر عام ڪرڻ وارو دعوت اسلامي جو اليڪٽرانڪ مبلغ ”مدني چينل“ بہ رمضان المبارڪ جي آمد تي ماڻھن جي خوب اصلاح جو سامان ڪندو آهي، سؤ فيصد شريعت جي مطابق هلڻ وارو مدني چينل گذريل ڪجھ سالن کان رمضان المبارڪ ۾ پنهنجي ٽرانسميشن ڪم و بيش 20 ڪلاڪ لائيوِ آن ائير ڪندو رهندو آهي، جيڪو گھرن، دڪانن، فيڪٽرن ۾ ڪم ڪرڻ وارن ۽ ٻاهرين ملڪ

رهڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي فيضانِ رمضان سان فيضياب ڪندو آهي. شايد اهو دنيا جو پهريون اهڙو چينل آهي جيڪو رمضان المبارڪ ۾ ايتري وڏي ٽرانسميشن لائيوِ ڪري ٿو.

مدنی چینل کے لئے جو ساتھ دے عطار کا   اُس پہ رحمت ہو خُدا کی اور کرم سرکار کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اجتماعي اعتڪاف جون برڪتون

**اي عاشقانِ رمضان!** ڪيئي سالن کان دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ رمضان المبارڪ جون برڪتون ماڻڻ جي لاءِ اجتماعي اعتڪاف جو سلسلو جاري آهي، دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي جي اجتماعي اعتڪاف جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي چوتہ هن ۾ دنياءِ اسلام جي عظيم علمي روحاني شخصيت امير اهلسنت هزارين معتڪفين سان گڏ اعتڪاف ڪندا آهن، فيضان مدينہ جا پُرڪيف منظر ڏسڻ جي لاءِ رمضان المبارڪ ۾ فيضان مدينہ تشريف آڻيو ۽ پنهنجي دل کي سڪون پهچايو، جيڪڏهن نتا اچي سگهو تہ مدني چينل جي ذريعي هن اعتڪاف جا منظر ڏسو، ان شاءالله! توهان جو ايمان تازا ٿي ويندو، الحمدلله! هن اجتماعي اعتڪاف ۾ اُخروي سعادتن سان گڏوگڏ ڪيئي عاشقانِ رسول جا دنياوي مقصد بہ پورا ٿي ويندا آهن، هتي گهريون ويندڙ دعائن جي برڪت سان ڪنهن بي روزگار کي حلال ڪمائڻ جو روزگار مليو تہ ڪو صحتياب ٿي ويو، ڪو بي اولاد پُٽاٽي اولاد جي

نعمت سان مالامال ٿيو ته ڪنهن پريشان حال جي پريشاني ختم ٿي. هڪ وڏي ايمان اَفروز مدني بهار ملاحظه فرمايو:

## مفلوج جي هٿوهٿ شفايابي

رمضان المبارڪ 1425ھ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ ڪم و بيش 3100 معتڪفين هئا، انهن ۾ ضلع چڪوال (پنجاب، پاڪستان) جو 77 سالن جو بُزُرگ حافظ محمد اشرف صاحب به معتڪف ٿيو. حافظ صاحب هٿ ۽ زبان کان محروم هئا ۽ قوّتِ سماعت (يعني ٻُڌڻ جي طاقت) به جواب ڏئي چڪي هيس. اهو خوش عقيده اسلامي ڀاءُ هو. انهن ڏينهن ۾ دورانِ اعتڪاف سحري ۽ افطاري ۾ شيخِ طريقت، اميراهلسنت جي مختلف عاشقانِ رسول وٽ وڃي حلقن ۾ ڪائڻ جي ترڪيب ٿيندي هئي. جنهن ڏينهن حافظ جي حلقي جي وَاري هئي ته انهن اِفطار جي کاڌي ۾ حُسنِ ظن رکي امير اهلسنت جو اوبر وٺي کاڌو ۽ دم به ڪرايو. ان جي حُسنِ ظن ڪم ڏيکاريو، رحمت الٰهي کي جوش آيو ۽ الله پاڪ انهن کي هٿوهٿ شفا عطا فرمائي ڇڏي. اهو ڏاڍو حيران ٿيو، ان هزارين اسلامي ڀائرن جي موجودگي ۾ فيضانِ مدينه جي اسٽيج تي چڙهي پنهنجي هن عقيدت ۽ محبت جو واقعو ٻڌايو ته فضا ”الله الله“ جي ذڪر سان گونجهڻ لڳي. اُن ڏينهن ڪيئي مقامي اخبارن هن چڱي خبر کي شايع ڪيو. الله ربّ العزت جي امير اهلسنت تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم

بیمار! نہ مایوس ہو تُو حُسنِ یقیں رکھ
دَم جا کے کرا لے کسی بیمارِ نبی سے

منقول آهي: ’سُؤْرُ الْمُؤْمِنِ شِفَاءٌ‘ يعني مؤمن جي اوبر ۾ شفا آهي. (الفقهية الكبري، جلد4 ص 52)

## فرض روزا رکڻ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان المبارڪ جي آمد تي جتي عاشقانِ رسول جي خوشين جي انتها ناهي هوندي، اتي ئي ڪجھ بدنصيب اهڙا بہ آهن جيڪي هن مبارڪ مهيني ۾ بہ پاڻ کي گناهن کان ناهن بچائيندا ۽ ايتري رحمتن واري مهيني ۾ نيڪي جي رستي تي ناهن هلندا ۽ فرض نمازن ۾ سستي ڪندا آهن بلڪ ڪجھ بدنصيب تہ ايتري قدر نادان هوندا آهن جيڪي سرعام مسلمانن جي سامهون رمضان المبارڪ جي ڏينهن ۾ کائيندا پيئندا وتندا آهن، ياد رکو! رمضان المبارڪ جو هڪ فرض روزو بنا اجازتِ شرعي قضا ڪرڻ گناهہ حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي ۽ هن تي وڏيڪ دليري اها تہ سرِعام پنهنجي گناهہ جو اعلان، توبہ توبہ!! سچي دل سان پنهنجي سيني گناهن کان توبہ ڪيو ۽ ذهن بڻايو تہ مون کي ماهِ رمضان المبارڪ جا سيئي روزا رکڻا آهن، سيئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻيون آهن بلڪ نوافل ادا ڪري اجر ۽ ثواب حاصل ڪرڻو آهي.

عاشقِ رمضان، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه رمضان المبارڪ ۾ ٿيڻ وارن مدني مذاڪرن ۾ جتي مختلف شرعي ۽ معاشرتي مسئلن جو حل ارشاد فرمائيندا آهن، اُتي ئي امير اهلسنت مسلمانن کي گناهن

ڪان بچائڻ ۽ رمضان المبارڪ جو فيضان حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزو رکڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائن ٿا، هڪ مدني مذاڪري ۾ هزارين عاشقانِ رسول کي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ارشاد فرمايو: بي عملي جو زمانو آهي، ڪجھ اهڙيون خبرون ملنديون آهن ته ڪيئي اهڙا علائقا آهن جتي رمضان المبارڪ ۾ ڏينهن جي وقت اهڙو معاملو ٿيندو آهي جو ڄڻ رمضان المبارڪ آهي ئي ڪونه، ماڻهو سرعام کائيندا پيئندا وتندا آهن، هر اسلامي ڀاءُ اها نيت ڪري ته مان رمضان مبارڪ جا سيئي روزا رکندس ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو مسلمان جيڪو روزو ناهي رکندو اُن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري، ان کي سمجھائي ڪري روزو رکڻ جي لاءِ تيار ڪندس، ان شاءالله! هن مان گهڻو فائدو ٿيندو. (مدني مذاڪرو، 1 رمضان بعدِ عشاء)

روزے رکھواؤ تحریک جاری رہے گی، اِنْ شَآءَالله

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ





عالمی مدنی مرکز فیضان مدینہ محلہ سوداگران پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net